ڊاڪٽر ناهيد پروين

# سيد مصري شاھ جي شاعريءَ جو مختصر اڀياس

# The Brief study of the Poetry of Syed Misri Shah

***Abstract:***

*Syed Misri Shah (1840–1905) is known as the King of Sindhi Kaafi. He was a saint and a great Sufi poet. He was born in Nasarpur. He travelled almost throughout Sindh and observed the collective wisdom of the people. He remained a spinster till the end of his life. Misri Shah was very kind by nature. He has composed beautiful poetry. His poetry seems to be the shadow of his life. Syed Misri Shah was the last classical poet. His poetry is a document of art and aesthetics. He has used Arabian, Persian, Siraiki, and Hindi metaphors in his poetry, in addition to Sindhi. In this research paper, I have tried to excavate the art and philosophy of the poetry of Syed Misri Shah. Through the research, I have come to know that in his poetry he has depicted nature, humanity, and mysticism.*

سنڌي ڪافي جو بادشاھ سيد مصري شاه نصرپور جو وينڻل هو. هو بلند پائي جو بزرگ شاعر هو. سيد مصري شاھ سيد قادر شاھ جو پوٽو هو ۽ سندس والد جو نالو سيد بلند شاھ جو فرزند هو. سيد مصري شاھ 1828ع ۾ ڄائو. هو اڃان ننڍڙو ئي هو تہ سندس والد وفات ڪري ويو. جنھن ڪانپوءِ "سندس تربيت سندن وڏي ڀاءَ فتح محمد شاھ جي ذمي هئي."(1) مصري شاھ جو ٻيو وڏو ڀاءُ سيد نافن شاھ ڪنوارو ئي هو جو حج ڪرڻ ويو ۽ اتي وفات ڪيائين. سيد فتح محمد شاھ؛ جيڪو هڪ نيڪ انسان هو؛ ان ئي مصري شاھ جي تربيت ڪئي. نصرپور ۾ فارسيءَ ۽ عربي جا وڏا مدرسا هوندا هئا. جتي مسلمان توڙي هندو گڏ تعليم حاصل ڪندا هئا. مصري شاھ کي قاضي گل محمد "گل" جي مڪتب ۾ پڙهايائون. جنھن کيس قرآن شريف ۽ فارسي جي تعليم ڏني. مصري شاھ جي شاعريءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو قرآن شريف جي معنىٰ توڙي مفھوم جو وڏو ڄاڻو هو. جڏهن تہ سندس شاعريءَ ۾ فارسيءَ جون ترڪيبون ۽ تلميحون پڻ عام جام ملن ٿيون.

---

• چيئرپرسن، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي.

”هن جو نسبي سلسلو ستين پيڙهيءَ ۾ سيد هاشم شاهه رضوي سان ملي ٿو. ُان جو امام علي نقيءَ سان نسب ويهين پيڙهيءَ ۾ ملي ٿو.“(2)
شخصي طورسيد مصري مناسب قد سان نهايت خوبصورت شخصيت جو مالڪ هو. ”شاهه صاحب (مصري شاهه) جو جهڙو نالو مصري، تهڙو ئي مزاج مصريءَ جهڙو مٺو ۽ ٺڏو هوندو هو. سچي عمر ڪنهن سان ٻاڙو نه ڳاليائين.“ (3)
جهڙي شخصيت سندس سياءَ ۾ سهڻي هئي؛ اهڙي ئي ظاهري طور پڻ خوبصورت هئي.
”قد جو پورو پنو، نه ڊگهو نه ٻندرو، ڇاتي ويڪري، منهن گول، چهرو ڪتابي، ڪڻڪ رنگو ڳوراڻ ڏي مائل، اکيون وڏيون جي سدائين مخمور ۽ سرخيءَ مائل نظر اينديون هيون. پرون جاڙا سونهاري مُٺ کن ۽ وار ٻتونٽا ڪنن تائين رکيل.“(4)
هو ننڍي عمر کان ئي شاعري ڪندو هو. سيد مصري شاهه پنهنجي چاچي سيد ڏنل شاهه جي نياڻيءَ سان مڱيو هو پر شادي نه ڪيائين. ڪتابن ۾ ملي ٿو ته هو ”هڪڙي قاضيءَ جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ گهڻو ئي شائق هو، پر قاضين انهيءَ سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو.“(5)
مصري شاهه جي شاعريءَ ۾ سليس ۽ سولا سنڌي لفظ به آهن ته دقيق ۽ اوکا استعارا پڻ آهن، جيڪي گهڻي ڀاڱي عربي يا فارسي تان ورتل آهن. هنن شعرن ۾سليس لفظ استعمال ٿيل آهن.

ڏاڍا ناز سڄڻ ڏيکارين ٿو، مونکي ماٽا ڪري تون مارين ٿو.

يا

وسري ويا ٻئي جڳ جڏهن، دل جان سان دلبر ڏٺم
مهتاب مک محبوب جو، محراب منهن منور ڏٺم!

مصري شاهه به پنهنجي ڪلام ۾ قرآن شريف جي آيتون ۽ حديثون تلميح طور ڪتب آنديون آهن. انهن جو استعمال ايڏو خوبصورتيءَ سان ڪيو اٿائين جو شعر جو وزن پڻ بحال رهي ٿو. عام طور تي ائين ڪرڻ سان شعر جو وزن وڌي يا ڪري پوندو آهي. پر چاڪاڻ ته مصري شاهه هڪ ڪاريگر ۽ ڪهنه مشق شاعر آهي انڪري هو شعر جي وزن جو حسن برقرار رکي ٿو.
مثال طور:

فرق نه ڪوئي ڦير، وحدت ڪثرت وچ ۾
ڪل شيءِ محيط ٿيو، پرجهي پاتائين پير.
(مصري شاهه جو ڪلام، ص، 43)

پردو پرينءَ وچ ۾، پنهنجو اٿئي پاڻ
وفي انفسڪم افلا تبصرون، اهو اٿئي اهڃاڻ
(مصري شاهه جو ڪلام، ص، 43)

مصري شاهه انگريزن جي دور جو شاعر هو بلڪ اسان چئي سگهون ٿا ته هو سنڌ ۾ آخري ڪلاسيڪل شاعر هو. ان ڪانپوءِ سنڌ ۾ جديد شاعريءَ جي شروعات ٿئي ٿي. مولانا غلام محمد گرامي صاحب پڻ لکيو آهي ته:

"شاهه کان پوءِ، ڪافيءَ جو ٻيو دور مصري شاهه تي ختم ٿيو. مصري شاهه جو ڪلام نهايت رقت آميز ۽ پرسوز آهي. سندس ڪلام ۾ جماليات جو جلوو آهي. سندس ڪافيون فني لحاظ سان نهايت چست، مترنم، سُريليون ۽ پختيون آهن. حسن و عشق جي لازوال ڪشمڪش ۽ هجر و وصال جو پُرڪشش رنگ، مصري شاهه جي ڪلام ۾ ڪمال تي پهتل آهي." (6)

گرامي صاحب بلڪل درست چيو آهي. حقيقت ۾ اها آهي ته سيد مصري شاهه جي شاعري: جنهن صوفياڻو رنگ به آهي ته ان ۾ فطرت جو حسن پڻ موجود آهي. هو پنهنجي شاعريءَ کي پنهنجي مٽيءَ سان جوڙي رکي ٿو. سندس هر بيت، ڪافي يا چيل ڪا ٻي صنف موسيقيءَ تي آڌاريل ته آهي ئي پر سندس شعرن ۾ جيڪا اندروني موسيقي آهي ان جو پڻ ڪو مثال نٿو ملي. گرامي صاحب چيو هو ته "دل ۽ دماغ جي طراوت ۽ روح جي راحت لاءِ هي پرسوز تارون ۽ ستارون، ساز ۽ انداز، صاحب حال بزرگن جا ايجاد ٿيل آهن." (7)

جماليات شعريءَ جو بنيادي جز آهي. مصري شاهه جي ڪلام ۾ وڏي پئماني تي جماليات موجود آهي. جنهن ۾ فطري جمال کان ويندي شخصي جمال تائين جا مثال ملن ٿا.

ڪنيائون ڪِلي نيڻ گهرا گلابي،
پري ٻاجهه نرگس، عجب نيم خوابي!

مصري شاهه جي ڪجهه شاعري سرائيڪي، فارسي، اردو ۽ هندي ٻولين ۾ به آهي، پر حقيقت ۾ جيڪو حسن سندس سنڌي شاعريءَ ۾ آهي، ان جو ڪو جواب ئي ناهي. هن جي شاعريءَ ۾ جمالياتي رنگ منفرد آهي. سندس هڪ مشهور ڪافي ڏجي ٿي، جنهن ۾ هڪ پاسي فني اعتبار کان تجنيس جو خوبصورت استعمال ٿيل آهي ته ٻي پاسي ان ۾ سونهن جو سمنڊ موجزن نظر اچي ٿو.

وسري ويا ٻئي ڄڳ جڏهن دل جان سان دلبر ڏٺم،
مهتاب مک محبوب جو محراب منهن منور ڏٺم.

1- دل سجاتو سڄڻ جو اڇي سير سيڪنهن جاءِ تي،
من جا تيا مطلب مڙيئي پورا، پرين پرور ڏٺم.
2- شيخ قاضي پاڪدامن اي مشائخ مولوي،
ڪر نصيحت ڪي ڦٽو هر جاءِ حق حاضي ڏٺم.
3- دين ۽ ايمان تقوي زلف جي پيا پيچ ۾،
دام ۾ داٽي مثل تڪرار ڪارو تر ڏٺم.
4- عمر ساريءَ جي عبادت تڙ هڪي تاراج ڪئي،
ويو هٽي هندو ڪٽي، ڪعبي ابدر ڪافر ڏٺم.
5- عاقل ۽ عالم اوليا صنعان جهڙا سئو هزار،
قيد ڪامل جي ڪڙي ۾ ملڪ سڀ مضطر ڏٺم.
6- حسنخود هٽ ۾ جنهين جي دام ڏاڍو دلفريب،
راه ۾ رهزن وڏو ئي رهنما رهبم ڏٺم.
7- چوطرف چارئي ڏسيون، چوڏهن طبق چارئي مڪان،
ڪونہ ٻيو ٻڌندڙ دليون تنهن مٽ نڪو مسخر ڏٺم.
8- ڏس همت حضرت حسين جي ٻٽ اڪيون اي آسمان،
دل ڪنل دشت بلا ۾ ساقيءَ ڪوثر ڏٺم.
9- پڙ متي پوري ڪئي، منصور مصريءَ سڀ مراد،
سربسر صورت الاهي، سونهن سندو سرور ڏٺم.

ڪافيءَ جي اهڙي منفرد ۽ دلفريب بيان سبب ئي ڪيس ڪافيءَ جو بادشاهہ شاعر سڏيو ويو آهي.هن جي شاعريءَ جي هڪ خاصيت اها بہ آهي تہ ان ۾ تجنيس حرفي تمام گهڻي استعمال ٿيل آهي. تجنيس حرفي هڪ اهڙو شعري هنر آهي، جنهن سان شعر ۾ سونهن ۽ ميناج پئدا ٿئي ٿو.

”جيڪڏهن ڪنهن جملي يا مصرع ۾ ساڳئي حرف سان شروع ٿيندڙ لفظن جو استعمال ٿئي تہ اهڙي تڪرار واري صنعت تجنيس حرفي يا خطي سڏبي.“ (8)

تجنيس حرفي بابت ڊاڪٽر بشير احمد شاد صاحب پڻ لڳ ڀڳ ساڳي ڳالهہ لکي آهي:

”جڏهن نثر توڙي نظم جي سٽاءَ ۾ لفظ جو پهريون حرف ساڳيو هجي ۽ اهڙا لفظ اڪثر هڪٻئي جي پٺيان اچن ۽ هر هڪ لفظ پنهنجي اندر ڀرپور معنيٰ رکندو هجي تہ اهڙي ترتيب کي تجنيس حرفي چئبو آهي.“(9)

مصري شاهہ جي شاعريءَ مان تجنيس حرفي جو مثال:

نئي نماٽن جون دليون ناحق نگارا بي سبب،
وٽ وهيو ويجهو وريو ڪريين ڪنارا بي سبب.

زلف و رخسار جو ذڪر بلڪل ايراني رنگ ۾ ڪري ٿو:

زلف سلسدار گيسو عنبرين رخسار تي،
ڪر ڪٽيو ڪانئن ڪليجا نانگ ڪارا بي سبب.

لاشڪ ته مصري شاهه جي شاعري حسن جو ميڙ آهي، جنهن ۾ عشق کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. هن جو عشق خالق حقيقي سان گڏ پنهنجن ماڻهن ۽ مٽيءَ سان پڻ هو. هو جڏهن عام ماڻهن جي خوشحالي گهري ٿو ته ان مان معلوم ٿئي ٿو ته هو ڪيڏو وڏو شاعر هو، جيڪو ديس واسين جي سک جي دعا گهري ٿو. يعني هن جي شاعريءَ ۾ انسان دوستي پڻ موجود آهي. ڇاڪاڻ ته هو عام انسانن کي ڏکيو ۽ بکيو نٿو ڏسي سگهي. يورپ جي انسان دوستي ۽ سنڌ جي صوفياڻي انسان دوستيءَ ۾ بنيادي فرق اهو ئي آهي ته يورپ ۾ فقط انسان کي ڪائنات جي مرڪزي حيثيت حاصل آهي، جڏهن ته سنڌ ۾ ڪائنات جي پالڻهار کي ئي ٻنهي جهانن جو مرڪز سڏيو وڃي ٿو ۽ انسان کي ان جي رحمتن جي ڇانو ۾ خوشحال ٿيڻ جي دعا گهري وئي آهي. جيڪا دعا اسان کي مصري شاهه وٽ به ملي ٿي.

واحد وسائينس، آهون عالم جون سُٺي،
موڪل ٿئي مينهن کي، تل م ترسائينس،
وسائي واڻن تي، اوپر وُليائينس،
صاحب ساريءَ سنڌ تي، بادل برسائينس،
پڪا پکن سامهان، اوري اڏائينس،
هون سدائين هِتهين، رب تون رهائينس،
'مصري' ملائينس، ڪنڌ وانگر ڪير ۾!(10)

سندن هيءَ دعا شاهه لطيف جي سر سارنگ واري دعا "سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار" واري دعا جو ئي عڪس معلوم ٿئي ٿي. جنهن ۾ پڻ پالڻهار کان سموري ڪائنات جي خوشحالي؛ خاص طور تي سنڌ جي خوشحالي گهري وئي آهي. هو هڪ ٻي ڪافيءَ ۾ چوي ٿو ته

سيوهڻ ۽ ملتان، سڪر تي برهه ڪئي برسات
ٺيلهي ٺر بر روح رجائي، ڪاهيائون ڪيچ قلات
مشهد مينهن موهيو ٿي، سهس رنگي سنزات
خراسان ڪنوائي وچڙيون، هليون ڏانهن هيرات

يعني مصري شاهه پڻ شاهه لطيف وانگر سنڌ سان گڏ "عالم سڀ آباد" جي دعا گهري ٿو.

سيد مصري شاهہ جي شاعري سنڌيءَ سان گڏ سرائيڪيءَ ۾ پڻ آهي. جڏهن تہ سندس شاعريءَ ۾ فارسي ۽ عربي توڙي اردوءَ ۽ پنجابيءَ جا استعارا پڻ موجود آهن. هندي لهجي جو مثال:

پريتم مت پرديس پڌارو، رت سانوڻ کي سانوريا
ڪالي گهٽا گهٽ رين انڌيري، برس ڊراوي بادريا

سرائيڪي لهجي جو مثال:

ويکيم ديد شهيد دلبر دا، تنهن ديدار بي اختيار مئن ڪيا
دشت بلا دي وچ دلبر آيا، نال رضا دي من رب دا رايا
چاتس بار خونخوار خنجر دا... ... ... ...

فارسيءَ جو مثال:

ڪن ڪمان ابرو اڏواڏ رخش، رستم، زال ڪي،
سام برزو گيو ڪان ٽا وڻن وارا بي سبب!

رخش (رستم جو خاص گهوڙو)، رستم، زال، سام، برزو ۽ گيو فردوسي جي ”شاهنامہ“ جا اداڪار آهن.

عربي مثال:

سوري ويم ٻئي جڳ،
جڏهن دل جان سان ڏنم.
مهتاب مک محبوب جو،
محراب منهن منور ڏنم
دين ۽ ايمان، تقويٰ زلف جي پيا پيچ ۾،
دام ۾ داٽي مثل تڪرار ڪارو تر ۾ ڏنم.

بزرگن جو چوڻ آهي تہ سائين مصري شاهہ ڪنهن الهامي اشاري ملڻ سان اچانڪ سفر تي روانو ٿي ويو، جنهن جي سندس گهر جي ڪنهن بہ ڀاتيءَ کي سڌ نہ پئي. اٽڪل 15-16 سالن تائين ٿرپارڪر، اجمير، جوناڳڙهہ، جوڌپور، جيپور، ڪڇ، گرنار ۽ هنگلاج جا پٽ جهاڳي، سنياسين، آديسين ۽ جوڳين سان گڏ آلو جبل تي ڪافي عرصي تائين چلہ ڪشي ڪري چاليهن سالن جي عمر ۾ موٽي جڏهن پنهنجي اوتاري تي آيو، تنهن وقت سندس شڪل صورت ۾ ايتري تہ تبديلي اچي چڪي هئي جو سندس سڳو ڀاءُ سيد فتح محمد شاهہ بہ کيس سڃاڻي نہ سگهيو.

يعني مصري شاهہ نہ صرف ظاهري علم ڪتابن مان پڙهيو پر هن ڪافي هند ۽ سنڌ جا ڪافي ماڳ مڪان گهمي مشاهداتي علم پڻ پرايو. پر اهو پڻ سچ

آهي تہ هو دنيوي زندگيءَ کي هڪڙي ساعت تہ سڏي ٿو پر ائين پڻ چوي ٿو تہ اها هڪ گهڙي، هڪ پل يا هڪ لمحو جيڪو پلي جي ڪکر جي ڇانو جهڙو هجي پر اهو ڪکر جو ڇانورو ڪوڙو ناهي. اهائي سندس حقيقت پسندي آهي.

نڪا منڍ مرڻ جي، نڪا جئڻ جاءِ،
دنيا ساعتھ، سا تو آئي ساءِ،
پورا اِئين پانءِ، تہ ڪوڙي ڇانو ڪکر جي.

## نتيجو:

مصري شاھ اعليٰ پائي جو شاعر هو، ڪيس سنڌي ڪافيءَ جو بادشاھ سڏيو ويو آهي. سندس ڪافين ۾ فطرتي سونهن سان گڏ، جسماني سونهن، حقيقي عشق سان گڏ مجازي عشق جا عڪس ۽ اولڙا پڻ ملن ٿا. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ مختلف ٻولين جا ستعارا استعمال ڪيا آهن. پر سندس فن جو معراج سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي ملي ٿو.

## حوالا:


1. رضوي، سيد عاشق حسين شاھ، سهيڙيندڙ، مختصر ڪلام مصري شاھ امام، مصري شاھ ميموريل ڪاميٽي نصر پور، 1983، ص، 9
2. پٽي، مقبول احمد، ڪليات مصري شاھ، مصري شاھ ميموريل ڪائونسل نصرپور، 1961ع، ص 10
3. ساڳيو حوالو
4. ساڳيو حوالو
5. جوڻيجو، عبدالجبار ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي تاريخ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2005ع، ص، 151
6. گرامي غلام محمد مولانا، تہ ماهي مهراڻ، جلد، ڏهون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1961ع، 67
7. ساڳيو حوالو
8. شاھ ام ڪلثوم ڊاڪٽر، شاھ لطيف جي شاعري ۾ استعاره ۽ تشبيہ نگاري جو تحقيقي جائزو، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2004ع، ص 22
9. شاد، بشير احمد، ڊاڪٽر، شاھ لطيف هر دور جو شاعر، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2008ع، ص 167
10. رضوي، سيد عاشق حسين شاھ، (سهيڙيندڙ) مختصر ڪلام مصري شاھ امام، مصري شاھ ميموريل ڪاميٽي نصر پور، 1983، ص، 5